ڊاڪٽر ريحانه ملاح

# سُر ڪارايل ۾ موجوده دؤر جون حقيقتون

# An Analysis of Surr Karaayal in the Context of Social Fabric Contemporary

***Abstract:***

Shah Abdul Latif Bhittai, a celebrated poet of the Sindhi language, used his verse to guide the people of Sindh toward spiritual enlightenment. His powerful message, delivered with great impact, was meant to help them achieve success in this life and the next.

Through his poetry, he connected with the hearts of ordinary people, introducing them to the essence of divine love, sincerity, and humanity. He taught people to speak out against hypocrisy, the caste system, and social divisions. He prioritized inner purity over external rituals and traditions. His message, spread through his poetry, fostered peace, tolerance, and cultural harmony in society. Each chapter of his work is filled with profound meaning.

This paper analyzes Shah Abdul Latif Bhittai's Sur Karail in the context of today's social challenges.

شاهه عبداللطيف، سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو سڀ کان وڏو ۽ هڪ معتبر حوالو آهي. سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ سندس شاعري هميشه شعور ۽ فڪر جو علم بلند ڪندي نظر اچي ٿي. هو هڪ ئي وقت شاعر، صوفي، فلاسافر ۽ درويش صفت انسان هو. سندس شاعري جو اهو ڪمال آهي، جو سماج جي هيٺين ۽ ڪمزور ماڻهن جي ڪردار کي هن پنهنجي تخيل جي اڏام ۽ فڪر جي گهرائيءَ سان اهڙي همت، بهادري ۽ جرئت بخشي آهي، جو هو هر زماني، هر قسم جي ظلم ۽ تشدد خلاف بغاوت جي علامت بنجي، متحرڪ، جستجو ۽ جدوجهد ۾ سرگردان نظر اچن ٿا. لطيف جي شاعري اها ڪيميا آهي، جيڪا ڪاري کي ڪيڙڻ، جبلن ۽ پهاڙن جو انت ڳولڻ ۽ ڏونگر ڏورڻ جو ڏس ڏئي ٿي. لطيف جو مشاهدو، ان جي شاعريءَ جو فڪر، ان جي موضوعاتي گوناگونيت ۽ تخليقي معيار لازوال آهي.

ادل سومرو سندس شاعري بابت لکي ٿو ته:



> سنڌي سماج جو ڳوڙهو مشاهدو لطيف کان وڌيڪ ڪنهن به تخليقڪار نه ڪيو. هن ئي اسان کي سماجي ماڻهپي، عزت ۽ احترام جا معيار ٻڌايا. لطيف جي نظر ۾ سماج ۾ عزت لائق اهي فرد آهن، جيڪي پنهنجي عمل ذريعي سماج کي سهڻو ۽ خوبصورت بنائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. (سومرو، 2007، 150)

سنڌ جو ڪجهه درد دائمي آهي مثال سنڌ جي وسيلن مٿان اڄ به ڌارين جون يلغارون جاري آهن. اڄ به سندس وجود تي ويرين جي وير وري رهي آهي خارجي قوتن سان گڏ داخلي طور ماڻهو پڻ دشمن جا واهرو بنجي ڦرلٽ ڪري رهيا آهن انهن حالتن جي پسمنظر ۾ ڀٽائي جي شاعري مان سندس هڪ سر ڪارايل جو اڄ جي سماجي تناظر هيٺ جائزو منهنجي هن مقالي جو مک موضوع آهي.

ڪارايل معنيٰ مور پکي. ڪلياڻ آڏواڻي شاهه جي رسالي ۾ ڪارايل جي معنيٰ مور ۽ هنج ٻئي لکيل ملن ٿا، ان کان علاوه هن سر ۾ هنج، ٻگهن، ڪانگن، ڪانيرن ۽ نانگن، پونرن، جيتن ۽ جانورن جو ذڪر پڻ ڪيل آهي.

ڊاڪٽر بشير احمد شاد سر ڪارايل لاءِ لکي ٿو:

> ڪارايل جي لفظي معنيٰ لاءِ لطيف جي پارکن مان ڪن "مور" لکيو آهي ته ڪن وري "ڪارو هنج." بهرحال ٻئي پکي پنهنجي سونهن سوڀيا توڙي عادتن ۽ خصلتن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن. البته سر ڪا رايل ۾ مور سان منسوب فقط ٻه ٽي بيت ملن ٿا. جڏهن ته هنج جي حوالي سان ڪيترائي بيت موجود آهن. (شاد، 2013، 415)

جڏهن ته فقير امداد علي سرائي ان بابت لکي ٿو ته:

> ڪارايل جي صحيح ۽ بهتر معنيٰ جيڪا شاهه صاحب جي بيتن جي ثابتيءَ ۽ شاهديءَ مطابق ملي آهي، سا ڪارو اصيل نانگ، جيڪو هڪ فقير نانگ يا پير نانگ آهي، جيڪو انسان ذات کي هرگز نه ڏکوئيندو، جيسيتائين ان کي ڇيڙ ڇاڙ ڪونس يا مٿس لت نه اچي. هنج پکيءَ کي به ڪارايلُ ڪونه ويو آهي. (سرائي، 1998، 112)

هن سُر ۾ مور، هنج ۽ نانگن کي مثبت علامتي ڪردار هيٺ پيش ڪيو ويو آهي، ڀٽائي انهن جي صحبت ۾ رهڻ يعني سچائي، حق ۽ خلوص وارن ماڻهن

سان گڏ رهڻ جي تلقين ڪري ٿو. تہ جيڪي اهڙن سچيت، سياڄهن ۽ قوم جي همدرد ماڻهن سان رهاڻ ڪريواچن ٿا تہ پوءِ اهي ٻيهر منافقن ۽ بديانت ماڻهن جي محفل ۾ نہ ويندا يعني هو ماڻهن کي دنيا جي ڏٻڻ ۾ ڦاسڻ يعني فريب کان پري رهڻ جي تلقين سان گڏ هن سر ۾ چڱن سان صحبت ڪرڻ جو پڻ گيان ڏئي ٿو. مثال:

هنجن سين هيڪار، جي ڳڻ ڪري نهارين،
تہ ٻگهن سين پيهار، هوند ٻيل نہ ٻڌين ڪڏهين.
(آڏواڻي، 2013، 356)

شاه عبداللطيف ڀٽائي هن سُر ۾ جيڪي پکين جا ڪردار کنيا آهن، اهي پڻ تمثيلي نوعيت جا آهن. مثال پکين ۾ مور ۽ هنج نہ صرف خوبصورت پر ڪجهہ خاص خصلتون رکندڙ آهن. نانگن ۾ وري ڪاريهر نانگ ۾ سنيون ۽ خراب ٻئي شيون بيان ڪري ٿو. مثال ان جي خاصيت هيٺين سٽن ۾ هيٺئن بيان ڪئي اٿس تہ:

ڦهرين ڪاري نانگ جي، ڪو چرڪيل چير ڪري،
جي هٽي ڏنگ ڏسايو تہ ويجهو تان نہ وري،
جيڪي نپ مري، جيڪي سڪي صحت ڪي.
(سوز، 2021، 184)

مطلب تہ هن سُر ۾ هو نانگ جي قسمن سان گڏ انهن جي رَوَش کي بہ بيان ڪري ٿو. ڊاڪٽر شير مهراڻي هن سر بابت لکي ٿو تہ،

” سُر ڪارايل ۾ شاه صاحب سونهن ۽ ڪوجهائپ ٻنهي جو ذڪر علامتي انداز ۾ ڪيو آهي. هن سُر ۾ ڪنگ ۽ ٻگهہ ڪوجهائپ، مور ۽ هنج سونهن جي علامت آهن، نانگ سونهن ۽ زهر جي گڏيل علامت آهي. گاروڙي علم ۽ عقل جي ڏس ۾ اهم آهن.(مهراڻي، 2013، 416)

مطلب تہ سندس پرک رڳو انسان ذات تائين محدود نہ آهي، پر جيتن، جڻن ۽ جانورن بابت پڻ ڪمال جي آهي، هو انهن جي خاصيتن ۽ خامين کي علامت بنائي سماج ۾ شعوري فڪر بيدار ڪري ٿو. لطيف جنهن دؤر ۾ جنم ورتو، ان وقت



سنڌ تي ڌارين جي ڪاهن سان گڏ ڌاڙيلن، چورن ۽ ڦورن جو راڄ هيو، جتي مختلف مڪتب فڪر جا سمورا نشان، خانگاهون، علمي خزانن سان ڀريل لائبريريون ۽ شهرن جا شهر باهيون ڏئي ساڙيا ويا هئا نہ صرف ايترو پر ان سان گڏوگڏ ڌرتي ۽ ڌرتي ڌڻين جي اون رکندڙ عالمن، ذاهدن، سورهيہ ۽ محب وطن سپوتن کي پڻ ماريو ويو. بقول ڊاڪٽر دُرِ شهوار سيد جي تہ:

شاه لطيف اهڙي دؤر ۾ پيدا ٿيو جڏهن سنڌي سماج اڻانگن مسئلن ۾ گهيريل هو ۽ محسوس ائين ٿو ٿئي تہ شاه لطيف سنڌي سماج جي ٻڏل ٻيڙيءَ کي تارڻ لاءِ پيدا ٿيو هو. شاه لطيف پنهنجي شاعري ذريعي سنڌي سماج جي تاريخ پيش ڪندي، انهن جي تجربن، شاهدن ۽ واقعن جو ذڪر ڪيو آهي، ان ڪري شاه جي شاعري جو اڀياس سماجي قدرن Values Social ۽ سماجي واقعن جو اڀياس آهي. (در شهوار، 2013، 127)

هڪ پاسي اهي حالتون تہ ٻئي پاسي جڏهن هن ڏٺو پئي تہ ڪوڙ دولاب دوکو ۽ حرص هرهنڌ وڪڄي رهيو آهي، سچا، ايماندار ۽ محنتي ماڻهو ظلم جي ٻني ۾ سڙي ڀسم ٿي رهيا آهن تہ انهن حالتن شاه لطيف جي دل تي ڏاڍو اثر ڪيو ۽ مايوسي جي هن ڪيفيت کي پنهنجي هن سر ۾ ڀٽائي هيٺئن بيان ڪيو تہ:

اڄو آبُ لڙ ٿيو، ڪالوريو ڪنگن،
ايندي لڄ مرن، تنهن سر مٿي هنجڙا.
(آڏواڻي، 2013، 355)

سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ جتي ڌارين جون ڪاهون، نادر شاهي ظلم ۽ بربيت جا نشان موجود آهن، اتي ان تي ٿيندڙ ڏيهي حاڪمن جي ڦرلٽ ۽ عوام جو معاشي استحصال بہ غور طلب آهي، جيڪو هر دؤر ۾ جاري ۽ ساري رهيو آهي، جنهن ۾ اقتداري ڌرين جا مظلوم ۽ غريب عوام تي ظلم جا تہ الڳ داستان آهن، تہ مٿان وري جاگيردارن ۽ پرمار طبقن جا الڳ قصا آهن. هڪ طرف حڪومت طرفان انهن تي ڳرا محصول (ٽئڪس) مڙهيا ويا آهن، ٻئي طرف سرمائيدارن جي طرفان روز مره جي استعمال ۾ ايندڙ شين جا اگهہ آسمان تي وڃي رسيا آهن، جنهن سبب سنڌي ماڻهو ڏينهون ڏينهن بدحالي ۽ پستي جو شڪار ٿيندو پيو وڃي. انهن حالتن

۾ ڀٽائي سندن آٿت ۽ آسرو ته آهي ئي، پر گڏوگڏ سندن همت ۽ حوصلو پڻ آهي. هو انهن ڪمزور ۽ نيستن جو آواز بڻجي، انهن پرمار قوتن کي للڪاري چوي ٿو ته:

سنها ڀان مَ سپ، سڪا جنين پيٽ،
تنين جي چپيٽ، جُنگن کي جوکو ٿئي.
(آڏواڻي، 2013، 9)

جي. ايم سيد ان سُر جي فڪر ۽ فلسفي بابت لکي ٿو ته:"سنڌي عوام بنسبت حاڪمن کي چوي ٿو ته هو اهڙي نسل ۽ روايات جا آهن، جو سدائين محڪوم رهي نه سگهندا. اگرچه ظاهر ۾ ڪمزور ڏسڻ ۾ اچن ٿا".(سيد، 2012، 74)

اڄ اسان جو سماج جهڙي طرح انتشار جو شڪار بڻجي ويو آهي، لالچ، لوڀ، نفرت، بدامني ۽ بي اعتماديءَ جو راڪاس جهڙي ريت ڪين آهستي آهستي ڳڙڪائي، چڙوچڙ ڪري رهيو آهي، ان وقت ۾ به لطيف سندن مخلص دوست ۽ رهبر بڻجي، پنهنجي فڪر جي مشعل سان انهن کي پاڻ ۾ اتحاد ۽ گڏجي رهڻ جو فڪر ڏئي ٿو. ڇاڪاڻ ته لطيف پيار، محبت، امن، ڀائيچاري، سهپ ۽ رواداري جو قائل انسان آهي، هو عشق کي اهو جوهر تسليم ڪري ٿو جيڪو ٻن مختلف دنيا جي جنسن کي پاڻ ۾ ملائڻ جو هنر رکي ٿو. هيٺ ڏنل شعر پڻ سندس انهيءَ ئي فڪر جي پرچار ڪري ٿو:

ڪنول پاڙون پاتال ۾ ڀونر پري آڪاس
ٻنهي سندي ڳالهڙي رازق آندي راس
تنهن عشق کي شاباس جنهن محبتي ميڙيا.
(آڏواڻي، 2013، 435)

هن سُر ۾ ڀٽائي عام رواجي ۽ موقع پرست ماڻهن کي ٻگهن، ڪانگن ۽ ڪانيرن سان تشبيهه ڏئي ٿو، جيڪي ڪني ٻيٺل ۽ گدلي پاڻي مان مڇيون کائين ٿا. يعني هر دؤر جا اهي ماڻهو جيڪي دنيا جي آرائش ۽ آسائشن خاطر پنهنجو دين ڌرم ۽ اخلاق وڪڻي ڪنهن محنتي، مخلص ۽ ايماندار ماڻهو جو حق ڦٻائين ٿا. هو انهن جي ٻگهن ڪانون سان ڀيٽ ڪري ٿو. جڏهن ته مور ۽ هنج کي هو انهن ماڻهن سان تشبيهه ڏئي ٿو، جيڪي آدرشي آهن. سچائي، نيڪي ايمانداري جا قائل آهن ۽ اهي پنهنجي محنت سان توڙ تائين نڀائڻ جو هنر ڄاڻين ٿا. جنهن جو بيان هن بيت ۾ هن ريت ڪري ٿو ته:



سر سڪي سال ٿيا هنج هريو ئي پير،
ڪنگ ويچارو ڪير، رسي ان رموز کي.
(آڏواڻي، 2013، 356)

اظهار جي اهڙي نزاڪت ڪنهن شاعر ۾ ورلي ئي نظر اچي ٿي، سندس مشاهدو تمام وسيع آهي. هو جهر، جهنگ، جبل، درياءَ توڙي جيت جڻي جي خصلتن توڙي خامين جي پوري ڄاڻ رکي ٿو. سيد ميران محمد شاهه ان بابت لکي ٿو ته:

شاهه صاحب جي مشاهدي واري سگهه ۽ بصيرت واري نظر ايتري اتم آهي، جو هر ملڪ ۽ منظر محل ۽ مڪان، ماڻهو ۽ مرون ميگهه ۽ ملهار پکي ۽ پکڻ جر ٿر سمنڊ ۽ سائر ٽڪر ۽ ڏونگر گاهه گذر هر هڪ صورت رنگ ۽ نظاري وضع ۽ قطع سطح ۽ عميق اثر ۽ اسرار جو هڪ نظر سان مطالعو ڪري جيڪا معلومات حاصل ڪئي ٿي، انهيءَ مشاهدي جا تاثرات پنهنجي شعر جي مالها ۾ موتين جيان پوئي خلق جي خوشنوديءَ لاءِ پيش ڪيائين. (شاهه، 2007، 24)

اڄ جي حالتن ۾ پڻ اسان جو سماج چوکنيو ٻڌل آهي هڪ طرف تهذيب، ثقافت ۽ ٻولي کان نئون نسل گهٽي ڀاڳي وانجهيل نظر اچي ٿو. ته ٻئي طرف دنيا جو سميٽجي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ( global) village ۾ تبديل ٿيڻ سبب ماڻهو انفرادي زندگيءَ جي رنگيني ۾ ائين گم آهن، جو هو پنهنجي قريبي رشتن کان به پري ٿي ويا آهن. گڏوگڏ ڪيترائي نوان رجحان ۽ لاڙا موجوده سماج جو حصو بڻجي رهيا آهن. تن مثان وري انفارميشن جي گهڻائي، جنهن ماڻهن مان صحيح يا غلط جو انتخاب ڪرڻ جو اختيار کسي ڇڏيو آهي. ڀٽائي جو هي بيت انهن حالتن جي بلڪل عڪاسي ڪري ٿو ته:

دلبو منجه درياهه پسي پکي آئيا،
ويچارن ويساهه آٽي ات اڙايا.
(بلوچ، 2018، 182)

انهن حالتن هر ماڻهو کي مونجهارن جو شڪار ڪري ڇڏيو آهي. سياسي ويساهه گهاتين، سرمائيدارن جي پرمار ۽ سماجي اڻبرابري جهڙن مسئلن

سندن چوڌاري گهيرو تنگ ڪري ڇڏيو آهي سندن آسرو فقط خدا تي وڃي بچيو آهي. ڀٽائي انهن حالتن ۾ انهن لاءِ ڏي جيان آهي هو ڪين آٿت ڏيندي چوي ٿو ته:

سر ۾ پڪي هيڪڙو پاريهڙي پنجاھ،
سندي آس الله لڏي لهرين وچ ۾.
(بلوچ, 2018, 182)

عزم، حوصلي همت، جوش ۽ جذبي جو نالو نوجواني آهي دنيا ۾ اڄ ڏينهن تائين جيڪي به سياسي، سماجي ۽ اقتصادي انقلاب رونما ٿيا انهن ۾ وڏو هٿ انهن نوجوانن جو رهيو آهي پر اڄ بدقسمتي سان اسان جون اهي جوانيون سوشل ميڊيا جي سيلاب ۾ ائين ٻڏل آهن جو هنن مان نه صرف پنهنجي ٻولي تهذيب ۽ ثقافتي قدر وڃائجي رهيا آهن پر اڄ جو هي نوجوان نسل مقابلي، حرص، حسد بي چيني ۽ بي راهه روي جو شڪار آهي. سوشل ميڊيا جي هن دور ۾ شهرت ۽ ظاهري ڪاميابي جي چڪر ۾ اخلاقي قدر وڃائي رهيا آهن. 4 جي ۽ فائيو 5 جي، جو هي راڪاس سندن صحت سان گڏ سندن وقت ۽ سوچ ۽ سمجھ کي منجمد ڪري ڪين سست، ڪاهل ۽ ناڪارا بنائي ڇڏيو آهي. مايوسي جي اها ڪيفيت سر ڪارايل جي هنن سٽن مان واضع نظر اچي ٿي ته:

ڪارايل جي ڪوڙ، مون ڪينجھر سپ نهاريو،
وري وانهيري نه وريو للا لاڪيٽيءَ لوڙ،
هيناڙي جني هوڙ، سي هنجڙا سپ هلي ويا.
(بلوچ, 2018, 184)

اهڙي ماحول ۾ شاهه سائين جو هن سُر ۾ ڏنل پيغام نصيحت سان گڏ اخلاقي واٽ پڻ آهي، جيڪو هر جاءِ سندن رهنمائي ڪري ٿو، انهيءَ لاءِ جو لطيف ماڻهن جو نه صرف اتساهه آهي، پر هو متحرڪ زندگي جو سڏ پڻ آهي، سندس ڪلام ۾ اڻ ٿڪ محنت، جدوجهد ۽ ڪشالا ڪڍڻ جو درس ملي ٿو هو مايوس ٿيڻ بجاءِ پنهنجي حقن لاءِ وڙهڻ سيکاري ٿو. سندس شاعري مان اسان کي سنڌي سماج جي حقيقتن سان گڏ انهن جي سوچ، لوچ، نظرين، خيالن ۽ رسمن رواجن سان گڏوگڏ ماحول منظر ۽ پسمنظر جي پڻ ڄاڻ حاصل ٿئي ٿي.

شمشيرالحيدري مطابق:



لطيف سنڌ جو سڀ ڪجھ آهي ۽ انهيءَ سڀ ڪجھ ۾ اهو سڀ ڪجھ اچي وڃي ٿو، جيڪو سنڌ جي جان ۽ جند سان لاڳاپيل آهي. رُڳو هينئر ڪان ئي نه پر تڏهن کان جڏهن لاءِ اسان کي خبر به ڪو نه هئي ته هن ڌرتي تي ڇا ڇا وهيو واپرايو ٿي. ڪنهن به قوم، ڪنهن به ملڪ جي عظيم شاعر جو شرف اهو ئي هوندو آهي ته، هو انهيءَ قوم ۽ ملڪ جي سونهن، سياڻپ ۽ سگھه جي علامت هوندو آهي. عظيم قومي شاعر پنهنجي قوم جي اجتماعي زندگيءَ کان وٺي اجتماعي موت تائين، تاريخ جي سمورن گذريل ۽ ايندڙ سلسلن جو سنڀاليندڙ هوندو آهي. (شمشير, 1989)

معنوي لحاظ کان هن سر اندر جهاتي پائي ڏسنداسين ته، هن سُر ۾ وحدت الوجود جو جلوو ۽ فلسفو پڻ جرڪندي نظر اچي ٿو، مثال:

سو پڪي، سو پڃرو، سو سَرُ، سوئي هنجھُ،
پيهي جان پروڙيو، مون پنهنجو منجھُ،
ڏيل جنهين جو ڏنجھُ، سو ماري ٿو منجھ ڦري.
(آڏواڻي, 2013, 358)

ان کان علاوه ڀٽائي سر ڪارايل ۾ انهن نانگن، ٻگهن، ڪانون ۽ هنجن جي هر عمل کي گهري فڪر ۽ مشاهدي تحت جانچي، انهن منجهان روحاني ۽ اخلاقي قدر جوڙي، عام ماڻهن ۾ شعوري سوچ جاڳائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مطلب ته هن دنيا اندر ڪيئي مسئلا، تڪليفون ۽ برايون (نانگ ۽ بلائون) آهن پر انسان ۾ اها قوت موجود آهي، جو هو حسد، لالچ ۽ حرص جي ان ڪاريهر نانگ کي قابو ڪري سگهي. هو انهن قوتن کي للڪاري چوي ٿو ته:

ڪَپرَ گاروڙين سين، وڏو وڏائي وَيرُ،
نانگ نه ويندين نڪري، تو ڏَرَ متي پَيرُ،
هي تنين جو ڍيرُ، جن جهونا ڳڙهه جلائيو.
(آڏواڻي, 2013, 359)

ٻلديو مٽلاڻيءَ هن سر تي نظر وجهندي لکي ٿو ته:

ڏٺي جا عاشق جن کي حقيقي رازن جي ڄاڻ آهي، سي هنج يا هنس آهن. اهي هن طلسمي دنيا ۾ حقيقت جا موتي پيا چڳن. عام انسان جن جو ڏنڌو ئي ڪوڙ آهي، دوکو ڪرڻ آهي، سي ٽڳ يا ڪنگ آهن. جن جي دل هميشه ڪني مڇيءَ ڏانهن مائل رهي ٿي. انسان جو روح هنس سمان آهي، جنهن کي چوطرف حرص ۽ حوس جا شڪاري وڪوڙي ويٺا آهن. دنيا ان رڻ مثل آهي، جنهن ۾ واسينگن جو واسو آهي، انهن کان خبردار رهڻو آهي.(مٺلاڻي، 2007، 75)

جنهن جي عڪاسي ڀٽائي جي هنن سٽن مان ملي ٿي ته:

ڪوڙن ڪانيرن سرهو سر وڃائيو
آڏيءَ رات اُٿي ڪري ڏَدا دانهون ڪن.
سنڌي ذات هنجن، منهن ڪوڙيو موتي چڻي.

مطلب ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي شاعري ذريعي عام ماڻهن جي دلين کي ڇهيو ۽ کين خدا جي عشق، اخلاص ۽ انسانيت جي حقيقت سان آشنا ڪيو آهي. هن پنهنجي فڪر ۽ فلسفي سان مذهبي رياڪاري، ذات پات ۽ تفرقي خلاف آواز اٿاريو ۽ اندروني صفائي کي ٻاهرين رسمن کان وڌيڪ اهميت ڏني، سندس پيغام شاعري ۽ موسيقي وسيلي ماڻهن تائين پهتو. جنهن سماج ۾ امن، رواداري ثقافتي ميل جول سان گڏ همت، حوصلي ۽ جدوجهد جي فڪر ۽ فلسفي کي اجاگر ڪيو. غلام رباني سندس شاعري جي عظمت هنن سٽن ۾ بيان ڪري ٿو ته:

شاهه سائين سنڌ جي ادبي آسمان تي سج وانگر اڀريو. ڏينهن جو آسمان ۾ تارا هوندا آهن پر سج جي تيز روشنيءَ ۾ نظر نه ايندا آهن جڻ ته گم ٿي ويندا آهن شاهه سائين جي شاعرانه ذات جي ڏيا به ايڏي ئي زوردار هئي جو آسمان مان سڀ ادبي ستاره جڻ ته گم ٿي ويا. .(مٺلاڻي، 2007، 99)

شاهه عبداللطيف ڀٽائي سنڌي ٻوليءَ جو هڪ عظيم شاعر آهي. جنهن پنهنجي شاعري ذريعي سنڌي ماڻهن جي شعوري رهنمائي ڪري کين دنيا ۽ آخرت ۾



سرخرو ٿيڻ لاءِ پنهنجي ڪلام ذريعي نهايت اثرائتي انداز ۾ اخلاقي پيغام ڏنو. شاهه سائين جو اهو پيغام اسان کي ياد ڏياري ٿو ته:

ٻين سان مقابلو ڪرڻ بدران پنهنجي پاڻ سان مقابلو ڪيو ڪيني، حسد ۽ انتقام بدران معافي، رواداري ۽ محبت اختيار ڪريو.

جيڪڏهن نوجوان نسل شاهه لطيف جا اهي اخلاقي اصول اختيار ڪري ته هوند معاشرو نفرت، منافقت ۽ بدسلوڪي کان پاڪ ٿي سگهي ٿو.

ڇاڪاڻ ته شاهه جي شاعري هڪ اهڙو آئينو آهي، جيڪو انسان کي پاڻ ۾ جهاتي پائڻ جي دعوت ڏئي ٿو. ان جو پيغام اڄ جي دور لاءِ تمام ضروري آهي. جيڪڏهن شاهه لطيف جي تعليمات تي عمل ڪجي ته نه رڳو فرد سنورجي سگهي ٿو پر پورو سماج سڌري سگهي ٿو.

### حوالا:


آڏواڻي، ڪلياڻ. (2013). شاهه جو رسالو. حيدرآباد، سنڌ: سنڌي ساهت گهر

مهراڻي، شير. (2013:416). شاهه لطيف جي شاعري ۾ جماليات. ڪراچي،سنڌ: ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

آڏواڻي، ڪلياڻ. شاهه جو رسالو، مڪتبه اسحاقيه. ڪراچي،سنڌ: جهونا مارڪيٽ

بلوچ، نبي بخش خان. ڊاڪٽر. (2018). شاهه جو رسالو. ڪراچي، سنڌ: سنڌيڪا اڪيڊمي

سومرو، ادل. (2007). اگهيا سٽ سندا، مرتب نور افروز خواجه.. ڄامشورو، سنڌ: شاهه لطيف ريسرچ سيل، سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي.

سرائي، فقير امداد علي. (1998). ڀٽ جو گهوٽ. شڪارپور،سنڌ: مهراڻ اڪيڊمي. ڇاپو پهريون.

سوز، مينهون خان. (2021). ٻلوٽ ٻولي ڳجهارت.ڪراچي، سنڌ: مرڪ پبليڪيشن

سيد، جي ايم . (2012: 74). پيغام لطيف. دادو، سنڌ: سن اڪيڊمي

شاد، بشير احمد. (2013). شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات،محقق ڊاڪٽر شير مهراڻي.ڪراچي،سنڌ: ثقافت کاتو حڪومت سنڌ.

شاهه، ميران محمد. (2007). اگهيا سٽ سندا، مرتب: نور افروز خواجه.ڄامشورو،سنڌ: شاهه لطيف ريسرچ سيل، سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي

شمشيرالحيدري، (1979). جر ٿر تک تنوار. ڪراچي،سنڌ: سنڌ گريجوئيشن ائسوسئشن سنڌ

مٺلاڻي، ٻلديو. (2007). اگهيا سٽ سندا، مرتب: نور افروز خواجه.ڄامشورو،سنڌ: شاهه لطيف ريسرچ سيل، سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي